SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1973

SINDH ORDINANCE NO.II OF 1973

سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1973

THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 100 جي ترميم
Amendment of Section 100 of Sindh Ordinance II of 1972

3. 1972 جي آرڊيننس II جي شيڊول X جي ترميم
Amendment of Schedule X to Ordinance II of 1972

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1973
SINDH ORDINANCE NO.II OF 1973
سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1973
THE SINDH PEOPLE'S LOCAL GOVERNMENT (AMENDMENT) ORDINANCE, 1973

[17 فيبروري 1973]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 135 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ (ترميم) آرڊيننس، 1973 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2.سنڌ پيپلز لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس، 1972 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ ب ڇاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو ان جي دفعه 100 جي ذيلي دفعه (1) ۾، لفظن "هڪ ڏنڊ جيڪو پنج سئو روپين تائين وڌي سگهي ٿو" لاءِ لفظ "قيد جي سزا اهڙي مدي لاءِ جيڪو ٽن مهينن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو هڪ هزار روپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ" متبادل ٿيندا.

1972 جي سنڌ آرڊيننس II جي دفعه 100 جي ترميم

Amendment of Section 100 of Sindh Ordinance II of 1972

3.ڇاڻايل آرڊيننس جي شيڊول X ۾، داخلا 35 کانپوءِ هيٺيون نيون داخلائون شامل ڪيون ويندیون، يعني:

"A_35. ڪنهن عمارت تي ڪنهن اعتراض جوڳي، گار گند واري، نعريبازيءِ ۾ بين نعرن يا لفظن جي لکت يا پينٽنگ.

"B_35. عمارت جي مالڪ يا قبضو رکندڙ طرفان داخلائن 35 ءِ A_35 ۾ ڇاڻايل بلن، نوٽيسن، پلي ڪاردن، پيپرز، لکڻين يا پينٽنگس هٽائڻ يا ڊاهڻ ۾ ناڪامي."

1972 جي آرڊيننس II جي شيڊول X جي ترميم

Amendment of Schedule X to Ordinance II of 1972

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.